شازيہ پتافي

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي وٽ رهبر جو تصور

***Abstract***

*This world is very tough to live. A person who wants to be successful in this world or other world he/she has to pass different stages. To pass these difficult stages a person needs someone to follow. The one who has no one to follow gets stuck in the path.*

*The great poet of Sindh Shah Abdul Latif Bhittai has explained the importance of guidance. Shah Latif has told us the difference between the good and bad guides, and he advises you, to follow the right path. Hazrat Muhammad (P.B.U.H.) is the greatest leader and benefactor of humanity. Shah Latif advises us to follow the message given by the Prophet of God.*

**هن دنيا** جو نظام عجيب آهي، ڪو ان کي مايا ٿو سمجهي تہ ڪو آزمائش جي جڳهہ، پر اهو ميڃيل آهي تہ ان ۾ رهڻ ۽ زندگي گذارڻ گهڻو ڏکيو آهي. ڏکيائين ۾ مسئلن جي نوعيت مختلف ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ڏکيائين جو تعلق مقصد سان هوندو آهي. هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو مقصد مختلف هوندو آهي، ان ڪري ڏکيائيون ۽ مسئلا بہ مختلف نوعيت جا ٿين ٿا، پر ڪوبہ ماڻهو انهن کان آجو ناهي. انسان دنياوي ڪاميابي چاهي يا آخرت ۾ سُرخرو ٿيڻ چاهي، کيس مختلف مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. انهن مرحلن مان گذرڻ لاءِ انسان کي ڪنهن رهبر ڪنهن رهنما جي گهرج پوي ٿي، جنهن جي رهنمائي کيس منزل مقصود تي پهچائي ٿي. رهنما ان کي چئي سگهون ٿا جيڪو ٻين لاءِ اُتساهہ جو سبب بنجي، سندس شخصيت ٻين کي متاثر ڪري، مشڪل حالتن ۾ رهنمائي ڪري سگهي.

آمريڪا جي ٻئي صدر جان آدم (Jhon Adam) جي پُٽ ۽ آمريڪا جي ڇهين صدر جان ڪُئنزي آدم (Jhon Quincy Adam) چيو آهي تہ:

"If your actions inspire others to dream more, learn more, do more and become more, you are a leader."(1)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رهنما (Guide) ۽ رهنمائيءَ (Guidance) جو تصور اسان کي هر دؤر ۽ هر معاشري ۾ ملي ٿو، اهي ماڻهو جن انسان ذات جي خدمت ڪئي، ڪين سڏي واٽ ڏسي، انهن کي وَلي، سنت، گُرو ڪري تعظيم ڏني وڃي ٿي، انهن جي مٽيءَ به مان لڌو آهي. الله سائينءَ هڪ لک چوويهه هزار نبي به انسان ذات جي رهنمائيءَ لاءِ موڪليا آهن. ڪنهن صوفي بزرگ جو قول آهي ته، ”جنهنجو ڪوئي مرشد ناهي، ان جو مرشد شيطان آهي.“ يعني جيڪو صحيح رهنما تلاش نه ٿو ڪري ته اهو گُمراهه ٿي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته لطيف سائين فرمايو آهي:

لڪين لوڙائو، سَهسين آهِن سُج ۾،
بَر ۾ بورائو، ڪڻ پيادي! پاڻ سين.

استاد، گرو يا مرشد ڪرڻ جي صوفين تمام گهڻي اهميت بيان ڪئي آهي. اسانجي معاشري ۾ به ”بي پيرو“ هجڻ گار برابر آهي.بابا بُلهي شاهؒ فرمايو آهي:

جيت جيت ڪي عمر گذاريئي، اب تو هار فقيرا،
جيتڻ دا ملهه اِڪ ڪوڏي، هاري دا مُل هيرا،
هيرا وڪامي لک ڪروڙها، ڪوڏي مُلهه ڪَسيرا،
وي بُليا جي تو هارڻ نه سڪيا، بي مرشد تي بي پيرا.

ڇاڪاڻ ته مُرشد (رهنما) واٽ ٻڌائي ٿو، اهڙي تعليم ڏئي ٿو جيڪا انسان جي ڪردار کي سنواري ٿي. ان ڏس ۾ لطيف سائين فرمايو آهي:

سَرها ڏٺم سي، جِن ساجاءِ سِراڻ سين،
تيغ تنين جي ڪي، ڪَٽ نه لڳي ڪڏهين.

انسان کي رهنمائي سندس رهنما/رهبر وٽان ملي ٿي. قرآن شريف ۾ ان جي اهميت بابت فرمايل آهي:

ترجمو: انهيءَ ڏهاڙي جو سڀني ماڻهن کي سندن امامن (رهبرن) سميت سڏينداسين.“ (سورة بني اسرائيل، آيت 71)

مطلب ته انسان جو رهبر سندن نجات جو باعث بنجندو.

شاهه عبداللطيفؒ سنڌ جو عظيم شاعر ۽ رهبرآهي. اسان شاهه سائينءَ جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏنل تعليم تي عمل ڪريون ته پنهنجي پنهي جهانن جي زندگيءَ کي سنواري سگهون ٿا. شيخ اياز پنهنجي هڪ تقرير ۾ ڪيس ڀيٽا پيش ڪندي، سنڌي قوم کي چيو هو ته:

”اي سنڌ جا سپوتو! پنهنجو ڳاٽ اوچو رکو، سنڌ، جا ڀٽائي پيدا ڪري سگهندي آهي، ان جي مٽيءَ کي سلام ڪيو! اها مٽي اَمر آهي، ان کي ڪوئي به مِٽائي نه ٿو سگهي. سنڌ ڀٽائيءَ کي جنم ڏنو، ڀٽائيءَ سنڌ کي نئون جنم ڏنو، هر عظيم شاعر پنهنجي ديس کي نئون جنم ڏيندو آهي. هن جو آواز اسرافيل جي صور هوندو آهي، هن جو آواز عزازيل جي روح ۾ ڪنبڻي وجهي ڇڏيندو آهي. اهي بيت سچ پُڇ آيتون آهن، ڀٽائي زنده آهي، زنده رهندو، تخت ۽ تاج وارا ڪيئي ايندا ويندا، پر سنڌ جو هي بي تاج بادشاهه ڪڏهن به نه مرڻو آهي.“(2)

شاهه سائين زندگيءَ جو شاعر آهي. سندس زندگيءَ جو تجربو ۽ مشاهدو انتهائي گهرو ۽ وسيع آهي. ڪيس ان جي لاهن چاڙهن جي پوري واقفيت آهي. هن کي احساس آهي ته انسان ڪنهن جي رهنمائيءَ کانسواءِ زندگيءَ جي ڪنهن به امتحان ۾ ڪاميابي ماڻي نه ٿو سگهي، انڪري شاهه سائينءَ وٽ رهنما جي تمام گهڻي اهميت آهي.

سندس شاعريءَ ۾ رهنما جو واضح تصور ملي ٿو، هو رهنما جي خوبين ۽ خامين کان به آگاهه ڪري ٿو. سندس شاعريءَ ۾ ٽن قسمن جي رهنمائي ملي سگهي ٿي:

1. **ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ رهنما**
2. **عام رهنمائي**
3. **خاص رهنمائي**

ان کانسواءِ اسان کي شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ رهبري ڪندڙ انوکا عنصر به ملن ٿا، جن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو:

### 1) ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ رهنما:

هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي رهنمائي ڪرڻ نه ٿا ڄاڻن، ماڻهن کي سڌي واٽ ٻڌائڻ جي بجاءِ دوکو ڏين ٿا، پر سڌرائين پاڻ کي ڄاڻُو ٿا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه سائين اهڙن ماڻهن کان پاسو ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو. رهنمائي ڪرڻ وڏي ذميداريءَ جو ڪم آهي، جيڪو هر ڪنهن جي وَس جي ڳالهه نہ آهي. ان لاءِ قربانيءَ جو جذبو ۽ ڄاڻ ضروري آهي. شاهه صاحب اهڙن معلمن/رهنمائي ڪندڙن مان مطمئن نہ آهي، جيڪي سطحي ڄاڻ ٿا ڏين، ڇاڪاڻ تہ هي ڪوتاهه نظر يا سطحي ڄاڻ رکندڙ آهن. ان ڏس ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

اوريائين آٽين، ميڙيو مُعلم خبرون،
سا تان سُڌ نہ ڏين، جتي وَهُہ ويڌ ڪري.

جنهن کي پاڻ کي حالتن جي صحيح خبر نہ هوندي اهو ٻين کي ڪهڙو رستو ٻڌائيندو، اهڙو ماڻهو فائدي ڏيڻ بجاءِ وڏيڪ نقصان ڏيندو. شاهه سائين اهڙن طبيبن/ رهنمائن، جن کي مرضن/مسئلن جي صحيح ڄاڻ ناهي، انهن کي چوي ٿو تہ، پنهنجون دوائون/صلاحون ڪڏ ڪٽي زمين ۾ پوري ڇڏيو، مون کي نہ ٿيون گهرجن. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

تن طبيب نہ تون، سُڌِ نہ لهين سُور جي،
سانڍ پنهنجا ڏَبڙا، ڪڍ ڪٽي ۾ پون،
ڪانہ گهرجي مُون، حياتي هوتن ري.

جيستائين اهڙن ڍونگي ماڻهن جي اهليت جي خبر پوي، تيستائين اهي ڏڪائيندا ئي رهن ٿا.

غافل غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اٽاسي اوجهرين،
ڇَپاتا چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ،
نيٽين ننڊ اکوڙ، جِمَر وٽن ۾ واڪا ڪرين.

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه جو رسالو، سُر ڪوهياري 1/5، ڇاپو 2009ع، ص: 222)

مٿيئن بيت ۾ شاهه لطيف سستي جي رهنمائي ڪندي، ڪيس نصيحت ٿو ڪري تہ اي غافل سستي ڇڏ، تون اجا ننڊاڪري ٿيو سُتي پيئي آهين.

ويني وَرِ نہ پُون، ستي مِلِن نہ سپرين،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سي مر رويو رُون، جن مسافر سپرين.

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، سُر آبري، 7/15، ص: 49)

هن بيت ۾ شاهه لطيف سسئيءَ جي رهنمائي ڪندي، ڪيس چئي ٿو ته ويهڻ مان ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيندي، ۽ ستي محبوب نه ملندو. پوءِ اهڙي سُست ۽ ڪاهل کي روئڻو پوندو، جن جا سڄڻ سفر ۾ هوندا.

ڪنهن جو مُرشد، رهبر، رهنما يا اڳواڻ هجڻ وڏي ذميداريءَ جو ڪم آهي، ان رستي ۾ وڏيون مشڪلاتون آهن. ڪيترائي انهن کي برداشت ڪري نه سگهندا آهن:

گهنگهريا گهڻ چاڻ، موڙهي مَتِ مهائين،
ويا گڏجي وير ۾، پيا منهن مهراڻ،
اڳيان پويان ٽاڻ، ويا ويچارن وِسري.

## 2) عام رهنما:

زندگي هڪ پروليءَ مثل آهي، ان پروليءَ کي سَلڻ لاءِ هر ماڻهوءَ کي هر موڙ تي ڪنهن جي رهنمائيءَ جي ضرورت پوي ٿي، جيڪا اسان جي گهر جو ڪو به بزرگ به ڪري سگهي ٿو ته اسان جو ڪو دوست، ساٿي يا استاد به ڪري سگهي ٿو. شاهه سائين صلاح مشوري جي تمام گهڻي اهميت بيان ڪئي آهي، چوي ٿو توڙي توهان چاڻو هجو تڏهن به ٻين کان پُڇو ته جيئن توهان جي ڪم ۾ ڪوئي عيب رهجي نه وڃي. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

توٽي تون ڪاتار، جِم هيڪلي ٻيرئين،
ڏٺي ڪا ڏٺار، صَرف اِنهين سُٽ ۾.

هن دنيا ۾ جتي قدم قدم تي ڄار وڇايل آهي. ماڻهو ڪنهن سونهين ڪانسواءِ ڪيئن ٿو پاڻ بچائي سگهي. شاهه سائين نه صرف "سونهين" جي ڳالهه ٿو ڪري، پر سسئيءَ جي ذريعي اسان کي ڪنهن سمجهُو سونهين جي ٻڌايل واٽ تي هلڻ جي صلاح ٿو ڏئي:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پينر هن پنيور ۾، دوزخ جو دونهون،
سَوارو سونهن، پُڄي پُورج سسئي.

سسئيءَ کي بہ ان ڳالھ جو احساس آهي، اها بہ اسان کي خبردار ڪندي چوي ٿي تہ هي ڏکي جڳھ آهي، جيڪا ڪنهن جي رهنمائيءَ ڪانسواءِ پار نہ ٿي ڪري سگهجي، جيڪي هيڪلا هلن ٿا، اهي مشڪلاتن جو شڪار ضرور ٿين ٿا. شاھ سائينءَ جي لفظن ۾ سسئي پنهنجو تجربو ٻڌائيندي چوي ٿي:

ڏونگر ڏنا نُوڻ، مون پارکو پُڇيا،
هيڪليون هلن جي، سي تاڪن سَندي توڻ،
اي اُهڪي پوڻِ، سونهن رءِ نہ سٿري.

ڪڏهن ڪنهن پيغمبر جي صورت ۾، ڪڏهن ڪنهن وليءَ جي صورت ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن صوفي يا سنت جي صورت ۾ ڪيئي مرد مجاهد انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجو سڀڪجھ قربان ڪري بہ جدوجهد ڪندا رهيا آهن، پر انهن جو فائدو بہ انهن ماڻهن کي ٿيندو جيڪي انهن جي قدر، قيمت ۽ اهميت کان واقف هوندا. ڪوڙن ڪائنيرن جي وطن ۾ هنج جي اهميت جو احساس نہ هوندو آهي، جتي ڪائو ڪڇ اگهامي، ماڻڪن کي موٽايو وڃي، اتي سچ آڇيندي لڄ ٿيندي. شاھ سائين اهڙن ماڻهن کي جيڪي پنهنجي رهنمائن، پنهنجي قوم جي عظيم اڳواڻن، انسانيت جي محسنن جي بي قدري ڪن ٿا، انهن کي ڀُليل سمجهي ٿو.

### 3) خاص رهنما:

حديث شريف ۾ آهي تہ:

”اي محمد ﷺ جيڪڏهن آءٌ توکي پئدا نہ ڪريان ها تہ هي ڪائنات (افلاڪ) بہ پئدا نہ ڪريان ها.“

حضورﷺ جن جي ذات وجہ وجودِ ڪائنات آهي، الله تعاليٰ کين رحمة العالمين بنايو آهي. پاڻ سڳورا ﷺ اهي ذريعا آهن، جتان ئي بندي جي شفا ٿيڻي آهي. سندن ٻڌايل رستو ئي صرف ۽ صرف نجات جو رستو آهي، اها واٽ ئي صحيح

واٽ آهي جيڪو ان تي هلي ٿو، اهو ڪڏهن به ”اوتڙ“ نہ ٿو وڃي: نہ ئي ڪيس رهنمائيءَ لاءِ ڪو ٻيو در ڪڙڪائڻو پوي ٿو. بي بي رابعہ بصري ڪيڏو نہ صحيح فرمايو آهي تہ:

”جيڪڏهن ڪو محمدﷺ کي پوريءَ طرح سُڃاڻي، تہ پوءِ ٻئي مُرشد کان آزاد ٿي وڃي ٿو.“(3)

شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي ڪيترائي اهڙا بيت ملن ٿا، جن ۾ حضورﷺ جن سان عشق جو اظهار ڪيل آهي. شاهہ سائين بہ حضور اڪرمﷺ جن کي عظيم رهبر تسليم ڪري ٿو. ڪيس ڪامل يقين آهي تہ جڏهن حساب جو وقت ايندو تہ ضرور اسان جو پيارو نبيﷺ اسان لاءِ ڇوٽڪاري جو سبب بنجندو. لطيف سرڪار چوي ٿو تہ:

ماڻڪ مٺ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نہ ويندوم،
ماريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي.

علامہ آءِ آءِ قاضي، حضورﷺ جن جي متعلق پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو آهي:

”محمدﷺ کهڙو نہ سهڻو نالو آهي. حيف آهي دنيا کي جو پنهنجي وڏي ۾ وڏي محسن کي وساري ويٺي آهي.هي دنيا محمدﷺ کان اڳ هڪ تنگ و تاريڪ جهنگل مثال هئي، جنهن مان ڪو بہ رستو روشنيءَ طرف نيندڙ ڪو نہ هو.“(4)

دنيا نہ صرف تاريڪيءَ ۾ گُم هئي، پر ظلم بہ انتها تي هو. انسانيت جو ڪوئي همدرد نہ هو. حضور اڪرمﷺ ان معاشري ۾ انقلاب آندو، ماڻهن کي بهتر زندگي گذارڻ جو رستو ٻڌايو، مظلوم جو آواز بنيو ۽ ظالم کي سندس ظلم جي انجام کان باخبر ڪيو. قرآن شريف جي ٻاويهين سيپاري ۾ هڪ آيت آهي:

ترجمو: ”اي نبي! بيشڪ اسان توکي موڪليو آهي شاهد، خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بنائي.“ (سورة فاطر)

شاهہ سائين فرمائي ٿو:

برو هو پنيور، جو آرياڻيءَ اُجاريو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لاٽ سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هورُ،
چوريون چُرڻ سڪيون، پُنهون ڪيائون پورُ،
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏِک وهاريون.

حضور اڪرم ﷺ خدا جو محبوب ۽ سيني نبين جو سردار آهي. سندس ڪو مٽ يا ثاني ڪونهي، جڏهن معراج تي ويا تہ الله سائين ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي وچ ۾ ڪوئي فاصلو نہ هئو. شاهہ سائين چوي ٿو تہ اهو الله سائينءَ جو انسانن تي احسان آهي جنهن ڪين اهڙو عظيم رهنما عطا ڪيو آهي:

جڪري جهو جوُان، ڏسن ڪونہ ڏيهہ ۾،
مُهڙ مِڙني مُرسلين، سَرس سندس شان،
”فَڪانَ قاب قَوسَين اَوادنَي“، اي ميسر ٿيس مڪان،
اي آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم هھڙو.

## 4) شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ رهنمائي ڪندڙ انوکا عنصر:

شاهہ عبداللطيفؒ منفرد شاعر آهي، سندس ڪردار، علامتون، تمثيلون ۽ تصور سڀ انوکا آهن. انساني نفسيات کان چڱي طرح واقف آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ کهڙو واقعو انقلابي تبديلي آڻي سگهي ٿو، ان جي ڪيس پوري ڄاڻ آهي. گهڻو ڪري سک انسان کي لاپرواهہ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڏُک ڪيس جيئڻ جو ڍنگ سيکاريندا آهن، شاهہ سائين اهڙن ڏکن کي انسان جو رهنما سمجهي ٿو، ۽ فرمائي ٿو:

ٻُڙي تہ ٻيلي گهڻا، ساٿي ڀڃي سُک،
رفاقت رڃن ۾، ڏونگر ڪاري ڏک،
آريءَ جو اهُک، مون رهنما لاهِ ٿيو.

***

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گسُ پرينءَ جو،
سُونهائي سُورن کي هيڪاندي هوت سين.

شاهہ سائين ايئن بہ چوي ٿو تہ توهان پنهنجي دل مان بہ دڳ لهي سگهو ٿا، يعني توهان جي اندر جو آواز بہ اوهان جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ تجربو

انسان جو وڏو استاد آهي، جيڪو ڪيس گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏي ٿو:

اجان تون اَوات، وتان پاسي ويسري،
سونهين ٿي سُوات، تہ منجهان دل دڳُ لهين.

ڪٿي ڪٿي تہ شاهہ سائينءَ جو تصور ۽ تخيل ڇرڪائي ڇڏي ٿو، وٽس هر شيءِ کي بيان ڪرڻ جو نرالو انداز آهي. "مرڻ" يا "موت"کي رهنما بنائي، ان جي پويان پنڌ ڪرڻ پٽائيءَ جو ئي ڪمال ٿي سگهي ٿو:

اونچو اُتاهون گهڻو، جيئڻ کي جبل،
مَرڻ! مون سين هَلُ، تہ پٺيءَ تو پنڌ ڪريان.

***

تو سگ، ساهہ! گهڻن سين، جيئڻ! گوشي جاءِ،
مرڻ! مون سين آءُ، تہ پٺيءَ تو پنڌ ڪريان.

مجموعي طرح سان چئي سگهجي ٿو تہ ڀٽائيءَ وٽ رهنمائي حاصل ڪرڻ جي تمام گهڻي اهميت آهي، هو انسان کي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنهن سونهين جي صلاح ڏنڻ جو درس ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو قابل ۽ ڪامل رهنما ملي وڃي تہ اها انسان جي وڏي خوشقسمتي آهي. سڀ کان عظيم رهنما انسانيت جو محسن حضور اڪرم ﷺ آهي.

شاهہ سائينءَ وٽ پنهنجي رهنما جي ڏنل تعليم وڏي حيثيت رکي ٿي. انسان ان جو احسان لاهي ئي نہ ٿو سگهي. هيٺ ڏنل بيتن ۾ "گودڙي" علامت آهي رهنمائي جي، مُرشد جي فيض جي:

جا گُر ڏني گودڙي، سا ٿئي لاهيندي لڄ،
سند تنهن سُهج، چيلو چوندو ڪيترا؟

مرشد/رهنما جي تعليم جو ادب لازمي آهي، ڇاڪاڻ تہ علم ادب ڪانسواءِ حاصل ٿي ئي نہ ٿو سگهي:

جا گُر ڏني گودڙي، سا مون کي ٿي مَرڪُ،
چيلا! ماري چرخ، اوڍي ويهُ ادب سين.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جا گُر ڏني گودڙي، سا مون گهٽي سُهاءِ،
نيئي رساٽي ماءِ، اوڏئين جي ادب سين.

## حوالا


1. Leadership quotes, www.google.com.
2. شيخ، اياز، ”خط، انٽرويو، تقريرون“، ترتيب: رشيد ڀٽي، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1987ع.
3. قاضي، علامہ آءِ آءِ، ”ساهڙ جا سينگار“، سهيڙيندڙ/سنڌيڪار: جي ايم سيد، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2007ع، ڇاپو ٻيو، ص: 56.
4. ايضاً، ص: 62.
5. شاهه جا بيت ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي ترتيب ڏنل رسالي مان.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair